ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022

Vol.6 No.2, 2022

# عالمي شاعريءَ ۾ هائيڪو ۽ سنڌي هائيڪو جي اوسر: تقابلي اڀياس

# Haiku in International Poetry and Evolution of Sindhi Haiku: Comparative Study

1. ڊاڪٽر ڦُلو ’سندر‘ ميگهواڙ، 2. ڊاڪٽر برڪت علي ڏاهري، 3. خالد ساحل ڪيريو، 4. فرمان علي شر

**Dr. Phuloo `Sunder` Meghwar[1], Dr. Barkat Ali Dahri[2], Mr. Khalid Sahil Keerio[3], Mr. Farman Ali Shar[4]**

## Abstract:

*This paper explores the global evolution of haiku, a concise and evocative form of poetry originating in Japan, and its adaptation across different cultures, with a particular focus on Sindhi literature. Through a comparative analysis, the study examines how haiku has been interpreted and modified in various international contexts, highlighting both the preservation of its traditional elements and the innovations introduced by different cultures. The research delves into the historical development of Sindhi Haiku, tracing its origins and growth within the Sindhi literary tradition. By analyzing a range of haiku from different periods and cultural backgrounds, the study provides insights into the universal appeal of this poetic form, while also uncovering the unique characteristics that Sindhi poets have contributed to it. The paper aims to contribute to the broader understanding of cross-cultural literary exchange and the dynamic evolution of poetic forms in a globalized world.*

*The prosperity of languages depends on phonetic diversity and other grammatical principles as well as literary fertility. Rich languages interact with the literature of other languages and borrow and donate various genres of prose and poetry, as well. Sindhi Poetry borrowed Haiku, from Japanese literature, through English. The Sindhi poets did so many experiments, now it is considered to be part of modern Sindhi literature, as an original genre. We trace evolution of Sindhi Haiku and international Haiku comparatively.*

**Keywords:**
Haiku, Japanese Classical poetry, Sindhi Modern Poetry, Narain Shayam, Tanveer Abbasi, Shaikh Ayaz, Waseem Soomro, Zahid Shaikh, Phuloo Sunder Meghwar.

---

[1] Dr. Meghwar is Assistant Professor at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan.

[2] Dr. Dahri is Lecturer at Government College of Education, FB Area, Block 15, Karachi, Sindh, Pakistan.

[3] Mr. Keerio is Ph.D Scholar/ Lecturer at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan.

[4] Mr. Shar is student at Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan.

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

زنده ۽ شاهوڪار ٻوليءَ جي اها خوبي آهي، تہ هو پنهنجا لفظ ٻين ٻولين کي ڏي ۽ ٻولين جا لفظ پنهنجائي ۽ انهن کي پنهنجي وياڪرڻي اصولن ۽ قومي نفسيات موجب روپ ڏيئي ڪتب آڻي. ٻولين جي شاهوڪاري صوتياتي گهڙائپ ۽ ٻين وياڪرڻي اصولن سان گڏ ادبي زرخيزي تي پڻ منحصر آهي. ۽ شاهڪار ادب جو سرجيندڙ ٻوليون نہ صرف پنهنجي خمير مان تخليق جا سلا سرجنديون آهن، بلڪ ٻين ٻولين جي ادبن سان پڻ سڳاوتي ڪنديون آهن. ۽ نثر توڙي نظم صنفن جي ڏي وٺ پڻ ڪنديون آهن.

سنڌي ادب نثر توڙي نظم ۾ ڪيتريون ئي صنفون جهڙوڪ ناول، ڊرامو، شارٽ اسٽوري، مضمون، قصيدو، غزل، مثنوي، رباعي، سانيٽ، ترائيل، ۽ هائيڪو اُڌاريا. ۽ سنڌي ادب جي تخليقڪارن انهن صنفن کي پنهنجي سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي پس منظر کي سامهون رکندي ايترو تہ لکيو، ۽ ايترا تہ تجربا ڪيا جو انهن مان ڪيتريون ئي صنفون تہ هاڻي نج پج سنڌي ادب جو پنهنجون لڳڻ ٿيون. انهن مان هائيڪو صنف سيني مان اهم آهي. هائيڪو جاپاني ادب جي هڪ ڪلاسيڪي ۽ لوڪ پسند شعري صنف آهي، جنهن جي ادبي دنيا ۾ پير پائڻ سان ئي هاڪ مچي ويئي. ''هائيڪو اصل ۾، جپاني لفظ هائيڪو مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مفرد يا اڪيلو ڪلام.'' (1) هائيڪو جذبي سان پريل اهو معروضي عڪس آهي، جيڪو وٽ ڪي وقت ۽ ماڳ ۾ متعين ڪري ٿو ۽ ان ۾ موسم جو عنصر، فطرت نگاري هئڻ ضروري آهي. هائيڪو جاپاني شاعريءَ جي هڪ اهڙي صنف آهي، جا سادي، سپڪ سلوڻي ۽ عام فهم ۽ مقبول آهي. هن صنف ۾ آواز، ترتيب، ۽ موسيقيت جو خاص خيال رکيو ويندو آهي.

### هائيڪو جو بنيادي گهاڙيٽو:

هائيڪو جي بنيادي گهاڙيٽي جي باري ۾ تمام گهڻو لکيو ويو آهي، هتي مختصر طور لکجي ٿو، ان مقصد سان تہ، اها ڳالھ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي تہ، هائيڪو جو بنيادي گهاڙيٽو ڪهڙو هو ۽ مختلف ٻولين ۾ ڪيئن لکيو ويو ۽ سنڌي هائيڪو ۾ فني توڙي فڪري حوالي سان ڪهڙا تجربا ٿيا. ''هائيڪو هڪ مختصر نظم جو قسم آهي، جيڪو جاپاني ڊگهي نظم "تنڪا" (Tanka) مان نڪتل آهي، تنڪا ڪيترن ئي بندن تي مشتمل آهي، جنهن جو هر بند پنج + ست + پنج+ ست ماترائن تي رچيل هوندو آهي. اڳتي هلي "تنڪا" جو هڪ بند الڳ صنف "رينگا" (Renga) تي پيو ۽ "رينگا" جو شروعاتي حصو هڪ ڌار گهاڙيٽو بڻجي پيو ۽ ان کي هائيڪو يعني شروعات سڏيو ويو. بلڪل ايئن جيئن عربي ۾ قصيدو لکيو ويندو هو، جنهن جي شروعاتي حصي ۾ حسن، خوبصورتي ۽ معشوق جي جلون جو ذڪر بہ شامل ٿيو ۽ انهيءَ حصي کي "تشبيب" يا "نسيب" سڏيو ويندو هو، آخر تشبيب يا نسيب ۾ محبوب ۽ حسن ايترا تہ حاوي ٿي ويا، جو هن حصي پنهنجي الڳ سڃاڻپ اختيار ڪري ورتي، جنهن کي "غزل" چيو ويو. رينگا مان الڳ ٿيندڙ اهو حصو، جنهن کي هائيڪو سڏيو ويو. جپان ۾ ڪلاسيڪي هائيڪو 5-7-5 جي ترتيب سان 17 صوتي جزن تي ٽي سٽو لکيو ويندو هو. 5-7-5 جون ٽيئون ماترائون 34 ٿين ٿيون. جپاني ٻوليءَ مطابق اهو صوتي جزو/ سليبس مورا يا آن سڏيو ويندو آهي. هائيڪو جي مفهوم جو وزن ان وچيئن سٽ تي هوندو آهي، جيڪا غير قافيہ دار هوندي آهي.'' (2) تنوير عباسي لکي ٿو تہ، "تنڪا ۾ پنج، ست، پنج، ست، ست ماترائون هڪ بند ۾ هونديون آهن ۽ هڪ نظم ۾ ڪيترائي اهڙا بند هوندا آهن. تنڪا جو هڪ بند الڳ ڪري ان کي رينگا (Renga) سڏيو ويو. رينگا جو گهاڙيٽو ساڳيو تنڪا جي هڪ بند وارو (5 ـ 7 ـ 5 ـ 7 ـ 7) رهيو.... اڳتي هلي رينگا جو شروعاتي حصو هڪ ڌار گهاڙيٽو ٿي پيو ۽ ان کي هائيڪو سڏيائون ". (3)

جپاني هائيڪو جي قديم شاعرن مان باشو، سون، ڪيڪائو، اسا، ڪيتو، موڪودو، اونيتورا، اوئي مارو، سانيو، سيهو، چي يو ڪي وغيره هئا، جن هائيڪو ڪي 27 سليبل جي فن ۾ استعمال ڪيو. جديد هائيڪو جو باني جپاني شاعر مت سو باشو (1644ع- 1994ع) هو. ڪلاسيڪي جپاني هائيڪي جا انگريزيءَ ۾ ترجمو تيل ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

"A caterpillar,
This deep in fall –
Still not a butterfly.

In Kyoto,
Hearing the cuckoo,
I long for Kyoto.

Taking a nap,
Feet planted
Against a cool wall.

When the winter chrysanthemums go,
There's nothing to write about
But radishes.

Teeth sensitive to the sand
In salad greens
I'm getting old." (4)

**انگريزي ادب ۾ هائيڪو:**

ابتدا ۾ هائيڪو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ ملي ٿو. تنهن ڪان پوءِ انگريزي ادب ۾ هائيڪو صنف تي تمام بهتر طبع آزمائي تي آهي. جنهن ۾ فني حوالي سان پنج، ست، پنج syllable آهن. جاپاني هائيڪي وانگر، انگريزي هائيڪو پڻ بنا قافيي لکيو ويندو آهي. هيٺ مائيڪل هنٽر جي هائيڪن جا ڪجھ مثال ڏجن ٿا:

"You promise me peace,
If I keep my eyes on you,
How will that help me?

I am scared inside,
I have no control at all,
I need your peace, Lord!

Big angry spiders,
Savaging my heart and soul,
Stepping over glass.

Do I deserve this?
Could this be my just deserts?
Am I coming home?

Swing your heavy scythe,
Cutting me down in my prime,
Your harvest is cruel." (5)

### اردو ادب ۾ هائيڪو:

اردو ادب ۾ هائيڪو سٽ واري ڏهاڪي ۾ لکيو ويو، جڏهن شاهد احمد دهلوي رسالو ساقيءَ جو جاپان نمبر شايع ڪيو. هن رسالي ۾ فضل حق ۽ تمنائي جاپاني هائيڪن جا اردوءَ ۾ ترجما ڪيا. اڳتي هلي پنجاب کان علاوه پاڙيسرين ملڪ هندستان مان عليم صبا نويدي ۽ پاڪستان مان محمد امين جا هائيڪن تي ڪتاب ڇپيا. عليم صبا ٻن قسمن جا پابند ۽ نثري هائيڪو لکيا. اردو ادب ۾ هائيڪو لکندڙ شاعرن ۾ محسن ڀوپالي، اقبال حيدر، سهيل احمد صديقي، لياقت علي عاصم، شاهدا تبسم، رخسانه صبا، شهاب الدين، ياسر چغتائي، جمال نقوي، فاطمه حسن، راشد نور ۽ ٻيا ڪيترائي نالا شامل آهن. اردو ادب ۾ هائيڪي جا لکيل ڪجھ نمونا هيٺ ڏجن ٿا .

آنسو دیتا ہے،
لمحہ تیری یادوں کا،
چٹکی لیتا ہے.

رات کے کنارے پر،
صبح مسکراتی ہے،
آخری ستارے پر.

تنہائی کا ساز،
رونے جیسی لگتی ہے،
بارش کی آواز.

بارش کا یہ ساز،
رہ رہ کر یاد آتی ہے،
گھنگرو کی آواز.

اردوءَ ۾ هائيڪو گهڻي ڀاڱي بحر متڪارب تي لکيا ويا آهن.

### سنڌي هائيڪو جي اوسر:

سنڌي شاعري ۾ هائيڪو جي شروعات تنوير عباسي ۽ نارائڻ شيام ڪئي. ''1960ع ڌاري سنڌي شاعريءَ ۾، عروضي وزن تي هائيڪو لکڻ جا پهريان تجربا تنوير عباسي ڪيا. نارائڻ شيام ماترڪ ڇند تي هائيڪو سرجي، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو. شيام پنهنجي انهن هائيڪن کي "تصويرون" سڏيو آهي. جڏهن ته 1962ع ۾ شيخ اياز پهريان اردوءَ ۾ هائيڪا لکيا، جيڪي اردو رسالي ' هم قلم' ۽ شعري انتخاب 'ريگزار ڪي موتي' ۾ ڇپيا، تنهن کان پوءِ اياز سنڌيءَ ۾ هائيڪو لکيا، جيڪي فني حوالي سان ٻنهي ماترڪ ڇند (5-7-5) توڙي عروضي وزن تي آڌارڪ آهن. عروض جي ڪن اڪابرن جو خيال آهي، ته هائيڪو

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022

Vol.6 No.2, 2022

'بحر متقارب' جي 'فعلن فعلن فع، فعلن، فعلن، فعلن، فع، فعلن، فعلن، فع' جي وزن تي لکي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي هيئت سان ملندڙ جلندڙ صنف 'ٽيڙو' يا 'ٽه سٽا' به لکي وڃي ٿي، جنهن جو فني سٽاءُ (11-13-11 يا 10-13-10) ماترائن تي مشتمل آهي" (6) سنڌي شاعرن هائيڪو کي فني توڙي فکري وسعت بخشي، کيترائي تجربا ڪيا. مختلف اندازن ۾ تجربن جو اسان تفصيل سان جائزو پيش ڪريون ٿا.

1. **پهريون تجربو:**

هن ۾ هائيڪو جي صورت ٽه سٽي واري آهي، هن فارم تي نارائڻ شيام، تنوير عباسي، امداد حسيني، سحر امداد، ذوالفقار راشدي، جبار جوڻيجو، فتاح ملڪ، مير محمد پيرزادو، ذوالفقار سيال ۽ ٻين لکيا. نارايڻ شيام جي هائيڪن ۾ ٻولي تمام سولي ۽ لهجو نرالو ملي ٿو. ڪٿي ڪٿي ڪي لفظ ڏکيا استعمال ٿيل آهن. نه ته باقي سڀنن هائيڪن ۾ عام مروج ٻولي استعمال ڪئي آهي.

ڪانون جي ڪان ڪان،
نوريئڙو ڇچري وئي،
موٽر تيزيءَ سان !

شيام جا هائيڪا عام ۽ رواجي واقعن تي آڌاريل آهن، جن ۾ عڪسيت جون گهڻي تعداد ۾ جهلڪيون سمايل آهن. شيام جا ٻيا به ڪوڙ هائيڪو آهن، جن ۾ منظر پنهنجو پاڻ ڏيک ڏيئي ٿو. ڪن هائيڪن ۾ ته رڳو هڪڙي سٽ ئي منظر کي واضح ڪري ٿي، جيئن: "ٽپڪي روشن الر"، "ڪومل باکن ۾ بکي"، "ڇٽي نمن ٻور"، "مانو آهي وأء"، "ڇٽڪن مينهن جا ڇڙا"، "سينور چڙهيل تلُ ءِ"، "اڇي سِرنهن جو واس"، "پک ۾ چمڪيو سج پئي"، "گل پوپٽ جي پريت"، "پيلي ڦول ڪنير مان، نڪتي ماکيَ ء مک"، "نم ورائي ٻانهن" وغيره عڪسيت سان ڀرپور آهن.

هڪ اڪرس، ٻي ٻاٽ،
ڪنهن ڪنهن مهل هتان هتان،
ٽانڊاٽي جي لاٽ!

اڇڙو اڇڙو چنڊ،
ٻاڪ ڦٽڻ سان ئي ٽٽو،
چانڊوڪيءَ جو منڊ!

سڪٽا سڪٽا ٽار،
پن ڇٽيا، اڏريا پوپٽ،
وڻ ها ڇايا دار!

شيام جي هائيڪن ۾ نه صرف فطرت، پکين ۽ ٻارن جا عڪس آيل آهن، بلڪ سندس هائيڪن ۾ ڪافي مقامي ماحول ۽ رنگ رنگيل آهي. ان سان گڏ زندگي جا انيڪ موضوع، سونهن، تاثر سان ڀريل حسناڪي پڻ سمايل آهي. جنهن ۾ منظر، تصويرون ۽ عڪس صاف پاڻيءَ جيئان جرڪي رهيا آهن. ايئن محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ شيام پنهنجي زندگيءَ جون انيڪ دلڪش رچنائون رچيون آهن، سندس هائيڪن

۾جيون ڪتا بيان ٿيل آهي پر هائيڪي جو اصول جيڪو ان تي فرض آهي يعني منظر کي بيان ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي. پوءِ فطرتي هجي يا پنهنجي زندگيءَ سان سلهاڙيل.

ڏس ته پکين جي ڏانو!
اڏندي هڪ ٻئي جي مٿان،
ڪئن نه پوي ٿي ڇانو !

اوچو اڀ ۾ باز،
هو به ڪبوتر پٽ تي،
گُٽ گُٽ جو آواز!

هلڪي هلڪي هير !
پر تي ٻيڻل ڪنگ جا،
پير ڇتا پئي نير!

ڇاته پپر جي ڇانوَ !
ويهي هڪڙي ٿار تي،
ڇهنب اگهي پئي ڪانو !

مٿين منظرن ۾ تصويرون ۽ عڪس سمايل آهن. جيئن جيئن هائيڪو پڙهجي ٿو، عڪس ذهن تي تري اچي ٿو. نارائڻ شيام جي منظرنگاري سان گڏ پکين جي هلچل، انهن جا انيڪ عڪس سندس هائيڪن جي زينت بڻيل آهن. هونئن تہ ڏينهن جو پهريون خواب، رات انڌاري سرد، تارا، چنڊ، سج، ان کان علاوه اونداهي، روشني، ڏينهن مطلب تہ هن وٽ هر موسم جي تجلي هر پهر جي خوشبو، هر لمحي جو احساس ۽ منظرنگاري آهي. نارائڻ شيام ٻين منظرن جو هائيڪو ۾ خوب ذڪر ڪيو آهي پر پکي ۽ انهن جي سونهن انهن جو هڪٻئي سان ساٿ ۽ انهن جي اڏام سندس هائيڪن ۾ جيئري جاڳندي تصوير آهي.

وسيو اسر کان مينهن،
ڪڏ تي ڪينهون ٻار جو،
پسيو سجو ئي ڏينهن !

جيئن تہ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ، نارائڻ شيام سان گڏ سنڌي شاعريءَ ۾ اوائلي هائيڪو لکندڙن ۾ تنوير عباسيءَ جو نالو بنيادي ۽ اهم آهي. ”تنوير جي شاعريءَ ۾ حب الوطني، قوميت، سنڌيت ۽ سماجي مسئلن سان گڏ رومانس کي وڏي اهميت آهي. ان ڪري ڪيس سنڌي شاعريءَ جو فطرت پسند شاعر، رومانوي شاعر ۽ سنڌ جو وردس ورٿ سڏيو ويو آهي، هن ڪيترائي غزل، نظم، آزاد نظم، گيت، هائيڪا، وايون ۽ دوها لکيا آهن. هائيڪو ۾ تنوير جو ڪم ملهائتو آهي.“ (7) سندس شعري مجموعي ’ساجن سونهن سُرت‘ مان ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

’’پاڻيءَ جو وارو،
چنڊ جي ٿڌڙي روشني،
پرجي ٿو ٻارو. (ص، 56)

پکين کهڙو ماڳ،

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

سج لٿي واهيرو ۾،
پرهه ڦُٽيءَ جو جاڳ. (ص، 58)

نوريئڙو ڊوڙيو،
ٽاري لڏي ٻير جي،
پڪل ٻير ڪريو. (ص، 62)

تنهنجو ڪيڏو ملھ،
وارن ۾ محبوب جي،
او چمپا جا گل. (ص، 63)

تنهنجا ٽھڪ ٽڙيل،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
ڄڻ مھڪ مليل. (ص، 64)

ڏکڻ هير لڳي،
ڪنھن وينگس جي ارھ تان،
رئو ويو ڪسڪي. (ص، 69)

تنهنجا ٽھڪ ٽڙيل،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
ڄڻ مھڪ مليل.'' (ص، 69) (8)

نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسي سان گڏ جديد سنڌي شاعريءَ جي مهان ڪوي جو نالو پڻ اهم ۽ بنيادي آهي. هن سنڌي شاعريءَ جي ڪيترين ئي صنفن کي نئين سر سنواري سنڌي ويس ڍڪائي امرت بخشي. اياز هائيڪو/ ٽيڙو جي صنف تي طبع آزمائي ڪري ڪيترائي هائيڪا لکيا، ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو ته: " شيخ اياز هائيڪن ۾ پنهنجي داخلي احساسن، جذبن ۽ جولانن جو اظهار اوريندي، فطرت، فلسفي، تاريخ، سماجيات ۽ ٻين زندگيءَ ۽ قدرت جي انيڪ مظهرن ۽ موضوعن کي پڻ ڇُهيو آهي. سچ ته سنڌس هائيڪن ۾ دنيا سان گڏ سموري سنڌ پنهنجن پرپور حُسناڪين ۽ حقيقتن سميت نظر اچي ٿي. هڪ اندازي موجب اياز 1140 جي لڳ ڀڳ هائيڪا / ٽه سِٽا لکيا" .(9).

''ايئن نہ مرندي ڪونج،
جيسين پورين روھ ۾،
ان جي پوري گونج.

ڌرتيءَ ڪئي ڌڪ ڌڪ،
جڙ کي جھونجھاڙي وئي
ڪڪَ ڪُٽي ٺڪِ ٺڪِ.

واھوندا ورندا،
ڀُسيءَ ڳاڙھا گلڙا
ڀُڄُ نہ چا هوندا!'' (10)

فياض لطيف لکي ٿو ته: "اياز جا اهڙا ڪيترائي هائيڪو آهن، جن ۾ هائيڪو جو نه رڳو اصل عڪس ۽ احساس موجود آهي، پر انهن ۾ زندگيءَ جون جيئريون جاڳنديون تصويرون پنهنجن مڙني حُسناڪين سان متحرڪ ۽ موهيندڙ نظر اچن ٿيون. انهن ۾ قدرت جا موهيندڙ منظر به ملن ٿا، ته انسان جون پنهنجي سونهن جي مَنڊَ ۾ مُندي ڇڏيندڙ حسين صورتون به نظر اچن ٿيون. انهن ۾ 'ڪجلي اکڙين جا اوسيئڙا به آهن، ته مينديءَ رتي هٿڙن جي حُسناڪي به، گلن تان لڙندڙ لڙڪن جي لارن جو عڪس به آهي، ته پرينءَ سان ملي گل جيان ٽڙي پوندڙ وينگس جي سرهائيءَ جو احساس به. آڪاش ۾ قطارون ڪري اُڏامندڙ ڪونجڙين جا ڪرلاءُ به آهن، ته مور جي رقص جا منظر به'، مطلب ته اياز پنهنجي هائيڪن جي ڪوزي ۾ زندگيءَ جي انيڪ ڪيفيتن، حقيقتن ۽ حُسناڪين جو سمنڊ سمايو آهي". (11)

''گذري رات وئي،
ڪيئن آ مندر گهنڊ تي،
پوپٽ ننڊ ڪئي!

ڀِلَ اُڏامن ٿا،
ڪان ڪان ڪري واءَ ۾،
لَ اُڏامن ٿا.'' (12)

اياز جي مٿين هائيڪن ۾، نه صرف وقت، وٿ، مڪان، تاثر سان ڀرپور عڪسيت ۽ جمالياتي ڀِلَ جي ڀرپوريت ملي ٿي، جيڪا هائيڪي جي اصل ڳُرُ ۽ ڳُٽاٿ ليکي ويندي آهي، پر انهن ۾ خالص معروضي عڪس، احساس ۽ منظر به ساهه کڻندا محسوس ٿين ٿا. مندر جي گهنڊ تي پوري رات ننڊ ڪندڙ پوپٽ، واءَ ۾ ڪان ڪان ڪري اُڏامندڙ لَ، رنگ رتي شام، لام تي لُڏندڙ ڪانءُ، چنڊ تي ڪنڌ جهڪائي، اَنَ جي ٻن پُڙن ۾ پنهنجا ڏڪڙا ڏريندڙ ناري، ٻه طرفي ٻيلي جي وچ ۾ ڍنڍ، ڍنڍ جي پاٽي تي ترندڙ ٻتيلو ۽ آڪاش ۾ اُڏامندڙ پکين جا ولر، اهي سڀ جيئرا، چُرندڙ پُرندڙ ۽ زندگيءَ جي مختلف رنگن سان رتل منظر آهن، جن جو ظاهري طور توڙي جو هڪ ٻي سان ڪوئي مربوط ڳانڍاپو ڪونه آهي، پر هائيڪو جي ڪئنواس تي اهي هڪ لڙيءَ ۾ پوئجي هڪ تصوير ٺهجي پيا آهن.

ذوالفقار راشدي، جبار جوٽيجو، فتاح ملڪ، مير محمد پيرزادو ۽ ذوالفقار سيال مختلف تجربا ڪيا. راشدي جي هائيڪن جو وزن "فاعلاتن، فاعلاتن، فاعلن" آهي ۽ جوٽيجي "مفعول، مفاعيلن" وزن تي هائيڪا لکيا آهن.

چنڊ تي ئي وڃي رهجي،
هِت شعر لکيم ڪيئي،
اُت شعر وڃي چئجي.

نيٽين نير وهائي ويني،
ست سنگيٽي، ٻک وهيٽي،
پنهنجي لڄ لٽائي ويني. (عبدالجبار جوٽيجو)

مٿين هائيڪن کي سٽاءَ توڙي موضوع جي خارجي بيان سبب نه سٽا چئي سگهجي ٿو.

نماڻي سنڌيءَ جا هائيڪو فن ۽ فڪر جي لحاظ کان پر اثر آهن. هن وٽ تصوير ڪشي، تصوراتي آرٽ ۽ لفظن جي جڙاوت نرالي آهي. نماڻي جي هينين هائيڪن ۾ فطري ماحول جي منظر ڪشي سان گڏ سماجي فڪر به آهي.

’’چڳ هتي آهي،
جنهن کان پوءِ ڏس تون،
باک ڦٽي آهي.

ڳڙي پيو ڳوڙهو،
بک ۾ ماءُ ۽ ٻار،
ڪٽ چڪي پوڙهو.

اپ ۾ ڪبوتر،
پاڻيءَ مان نڪتو،
ٽان ٽان ڪري ڏيڏر.

ڪان ڪان ڪري ڪانءُ،
مون کان تنهنجو سُپرين،
مور نه وسري نانءُ.

گاڏيءَ جي رفتار،
مون کان رهجي وئي هلي،
سرنهن جي ڦولار.‘‘ (13)

2. **پيو تجربو:**

هن صورت هيٺ شيام، تنوير عباسي، اياز، دگير، دائود پوٽي، راشد مورائي، فتاح ملڪ، مير محمد پيرزادو، اياز گل، خاڪي جويو، وسيم، سومرو ۽ ٻين لکيو آهي. هي فارم ماترائن موجب لکيو ويو، يعني 11، 13، 11 ماترائن جو ٺاهُ آهي، لکندڙن جي اڪثريت هن فارم ۾ آهي.

ڪوسا ڪوسا چپ،
هنيانءُ تي چندو هڻ،
جڻ تہ پاڻي لپ. (الطاف عباسي)

تاجل بيوس به هائيڪو ۾ خوبصورت ترين شاعري تخليق ڪئي آهي .

’’آءُ ڪريون تخليق،
آزاديءَ جي قلم سان،
ڳاڙهي پائي ليڪ.

رت لڳل چولو،
نٽي جي بازار ۾،
ارغوني ٽولو.

پچاڙيءَ جو پنڌ،
موتي ويو مڱڻو،
ڪنهن نه آچيو ڪنڌ.

دودي جو پهراڻ،
ڏوءِ نه ڏوبيءَ گهاٽ تي،
قاتل ڪلهن ساڻ.

جهولِيءَ رتا گُل،
مُڪڙيون ناهن مُرڪيون،
مُرڪي آ مُومل.

سوڍِي ٿي سنيري،
ڪاري چڙ ڪڪر مان،
سج پيو نِڪري.

چُني اوٽ ڪري،
نينگر منهنجي نار تان،
پاڻِي ٿي ڀري.

اسان جو اعلان،
پالهو جيڪو پيار ڪان
اڌورو انسان.

ٽڪو هان ناهي
ايڏو نقشو سنڌ جو!
ڪير پيو ڊاهي.

موج پريو مهراڻ،
موکِي! واري مٽ ۾
چنڊ ستارن ساڻ.'' (14)

محبتي ملاح جا هائيڪو گهڻ ٿيڙو وڌيڪ لڳن ٿا، چاڪاڻ جو انهن ۾ فطري ماحول ۽ فطري عڪس نگاري دلفريب نظر نٿي اچي. موضوعن جي اعتبار کان هن وٽ ٻهراڙيءَ جو ماحول، نفسيات ۽ پورهيت جي عڪاسي ڪيل نظر اچي ٿي .

''ڪڏي سج ڪني،
هاري جوٽيا ڏاند،
ڪيڙي پيو ٻني.

پريون مٿن تي،
ناريون وريون شام جو،
ٻار ڪڇن تي.

يري پئي يرت،
ڪائن ٻار پر ۾،
هٽڙن سان پٽ.

پورب جو مينهن،
اسان پنهنجي جهوپڙيءَ ۾،
نشو ڪيو نينهن .‘‘ (15)

نجم سرهيي جي هائيڪن ۾ به ايتري فطري تصوير ڪشي نه آهي. هن وٽ چنڊ، ڪڪرن، مينهن، سج جو ذڪر ته آهي، پر فطرت نگاريءَ کي آرٽسٽڪ انداز واري پيشڪش ايتري ڀرپور ۽ اثرائتي ناهي .

’’سارو ڏيھ ڏڪار،
مولا وسائج مينهن،
ماٽي سنڌ سڪار.

ڪڪر چمن تا،
پرين چنڊ کي،
رنل ملن تا.‘‘(16)

رضا لانگاهه جا هائيڪو سماجي حقيقت نگاري سان سرشار آهن. منجهن وقت، زمان ۽ فطري ماحول هائيڪو جي لوازماتن مطابق نه آهي.

’’دريءَ مان ديدار،
چنڊ ڪرايا ڪالھ ها،
ڪولي ڪارا وار.

رني ڪيڏو رات،
آئي جڏهن ڪا وري،
پاڙي ۾ بارات.

وسي جو برسات،
ترين جهڙي دل وري،
گيت ڳاتا رات .

رنو خوب گلاب،
جوين پتيون تي ويندو،
رهندو ڪين شباب.‘‘(17)

آسي امين جو مٽيون هائيڪو خيال جي لحاظ کان خوبصورت هائيڪو آهي .

مون ۾ ڀيد نه پر،
مذهب تنهنجو معامرو
مون کي قيد نه ڪر. (آسي امين)

مٿين هائيڪن ۾ تز قافيا، خيالن جي خوبصورتي ۽ منظر ڪشي آهي پر ڪلائيمڪس به سهٽو آهي .

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

نلڪو گيڙي پئي،
ڇاتي ڪي سيپاري جان،
پوتي ويڙهي پئي. (بيوس سجاد گاڏهي)
مٿيون هائيڪو فن ۽ خيال جي لحاظ کان ته خوبصورت آهي پر منظر ڪشي فطري نه آهي .
اڪڙيون پرجي آيون،
رسمن جي ويون ور چڙهي،
ڏرتيءَ جون ڄايون. (زيب ڪنگو)
يا
ميڻ بتيءَ جي لاٽ،
مون ڪي تنهنجي گهر سوا،
هٽ نه اڇي ٻي واٽ .
زيب جي مٿين هائيڪن ۾ خيالن جي حسناڪي، منظر ڪشي، فڪر ۽ ڪلائيمڪس به وڻندڙ انداز ۾ آهي. فني لحاظ کان پهرين هائيڪي ۾ موسيقيءَ ۽ ردم جي حوالي سان اٽڪاءَ محسوس ٿئي ٿو .
تتل ڪاڇو آ
آنءُ اڃان هان پنڌ ۾
انڌو پاڇو آ. (ساٿي محبوب زنگيجو)
مٿين هائيڪي ۾ منظر ڪشي سني ڪيل آهي. جڏهن ته تصور تجريدي رنگ سان پريل آهي .
وينگس تنهنجا وار،
جهرڪين خاطر چوڪرن،
ڇڻ ڪي وڇايا ڄار.
ساري پنهنجو چنڊ ،
جهونگاريندي لاڏڙا،
پيئي هلائي جنڊ. (انجم ڪوڪر)
مٿين هائيڪن ۾ خوبصورت خيال، منظرنگاري ۽ ڪلائيمڪس به آهي ته حقيقت نگاري جي تصوير به ڏيکاري وئي آهي .
گگهه انڌاري رات،
ڪچري واري ڍير تي،
ٻار ڪتي جي وات. (عاشق گاڙهو)
هن هائيڪي ۾ سماج جي لقاءَ جي سهڻي عڪاسي فوٽوگرافي ۾ ڪيل آهي. توڙي جو خيال ۾ فطري منظر ڪشي نظر نٿي اچي .
ڏيئو ٽمڪي پيو
وينگس جي نڪ جو
هيرو چمڪي پيو. (مير مرتضي شيخ)

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

جيتوڻيڪ هي هائيڪو جمالياتي تصور جي لحاظ کان خوبصورت آهي پر قافيا اعراب جي لحاظ کان هڪجهڙائي رکندڙ نه آهن، نه وري آخري سٽ چرڪائيندڙ آهي .

سج لهڻ جو پور،
شام جي سينڌ ۾،
شفق جو سندور.

ڏکڻ سندو واءُ،
نينگر ويني گاهه لڻي،
پرسان وهي واهه. (بخشل مهراڻوي)

ڌرتيءَ جو سينو،
چلڪا ڏئي سج تي،
تنهنجو نگينو. (ذوالفقار گاڏهي)

مون کي سک نه چين،
ڪتو آهي ڪار ۾،
ٻه گن مين. (وحيد ملڪ)

هن هائيڪي ۾ منظر ڪشي، آخري سٽ تجسس واري آهي .

ڪيڏا اچڙا انگ،
ٻوڙي پاڻيءَ مان ويا،
ڪرڙيون پڪڙي ڪنگ. (گلڻ راهوجو)

فطري عڪس جي لحاظ کان هي هڪ خوبصورت چرڪ ڏياريندڙ هائيڪو آهي .

نڪر پئي ڌوتئين،
اوتي روپيل نازبوءِ،
واس پئي ورتئين.

اڏريون پئي جاڙيون،
تنهنجي سونهن تلاءَ تي،
اڪڙين جون آڙيون. (حاجي ساند)

مينهن آ وسي ويو،
پوءِ به هوا جي ڪري،
وڻ وڻ ٽمي پيو. (مختيار سهتو)

سيءُ ته ڪيڏو سيءُ،
موپي پٽ بستر ستل،
پاڻيءَ تي پوڙهو پيءُ. (مختيار سهتو)

پير نه ٽي ڪوڙي،
مور پهاڙي تي ڏسي،

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

ڍيل پٽي ڊوڙي. (عارف مظهر)

ڪيترو ٿي لڇي،
پيٽ ٻڪئي لاءِ!
ٿي ناچڻي نچي. (شعيب شاد)

3. **ٽيون تجربو:**

هن فارم ۾ پهرين ۽ آخري سٽ ٽن ٽن لفظن تي مشتمل آهن ۽ وچئين سٽ ۾ صرف هڪ ئي لفظ هوندو آهي. مثال طور:

ڪکر، ڳجگوڙ، وڄ،
مينهوڳي،
ياڪر پائي پڃ. (الطاف عباسي)

4. **چوٿون تجربو (آزاد هائيڪو):**

هي آزاد فارم آهي. جيڪو امداد حسيني جي ايجاد آهي. سحر امداد، امداد حسيني ۽ ڪمل پياسي ٻه بهترين تجربا ڪيا. جن ۾ لفظن جي تعداد، وزن ۽ قافين جو خيال ڪونه ٿو رکيو وڃي، ڪڏهن قافيا پهرين ۽ ٻين سٽ ۾ ملن ٿا. ڪڏهن وري ڪافيو پوين ٻن سٽن ۾ هوندو آهي ۽ ڪٽي ٽيئي سٽون قافين کان خالي آهن ۽ ڪٽي وري ٽيئي سٽون هم قافيہ آهن.

ٽرين ڪئي هئي ڪوڪ،
نهارـ ڏور تاڻجي،
ٽٽي جڙڻ لاءِ. (سحر امداد)

نوڪري ۽ تنهنجو پيار
ڪاتي مار،
ڪاتي جيار. (امداد حسيني)

گل خودبخود مون ڏانهن مڙيو،
پر بيوقوفن جيان مون ڊونديو،
هوا جي ڏس ڪي. (ڪمل پياسي)

5. **پنجون تجربو (هائيڪو نظم):**

هن فارم ۾ هائيڪو هڪ ڊگهو نظم آهي. ڪيترن ئي شاعرن هن فارم ۾ هائيڪو نظم لکيا، انهن ۾ وسيم سومرو نمايان آهي.وسيم سومرو جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهڙو حوالو آهي، جنهن وٽ جديد شاعراڻا تصور، مشاهدي جي پختگي ۽ لفظن ڪي درست جاءِ تي استعمال ڪرڻ جو دلفريب فن موجود آهي. هن پنهنجي طويل هائيڪو نظم جي ڪتاب "پاڻي" ۾ نئون تجربو ڪري هائيڪو جي صنف ڪي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ناليوارو شاعر امداد حسيني لکي ٿو ته، " وسيم سومري هڪ شعوري تجربو

حرف و سخن
HARF-O-SUKHAN
ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

ڪيو آهي. اها ئي هن نظم جي خوبي آهي ته خامي به. خوبي ان ڪري ته هن تجربي جو ساهس ڪيو آهي. خامي ان ڪري ته هن شعوري طور تي ان کي پوءِ نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان نظم ۾ مڪ سٽ " سنڌوءَ جو پاٽي" 140 پيرا ورجائجي ٿي. هن کي جيڪو گهاڙيٽو (Format) آڏيو آهي، ان کي ئي هن اڳتي وڌايو آهي. ۽ 140 هائيڪو لکي ويو آهي وسيم وٽ ان تجربي جي انفراديت آهي. ۽ اهو شايد پهريون هائيڪو نظم آهي سنڌي شاعريءَ ۾." (18) وسيم جي هن هائيڪو نظم ۾ 10-13-10 وارو گهاڙيٽو آهي. جيئن ته هائيڪو لاءِ موسم يا فطرت لازمي هوندي آهي. وسيم هائيڪن ۾ موضوعاتي تجربا ڪري وسعت آندي آهي. وسيم هن هائيڪو نظم "پاٽي" ۾ قافئي طور سنڌ جي تاريخي ڪجھ ڪردار/ نالا به استعمال هيٺ آندا آهن، جن ۾ پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتمچنداڻي، هيمون ڪالاڻي،هري موٽواڻي، ريٽا شاهاڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گنو سامتاڻي، زيب نظاماڻي، ج-ع منگهاڻي، رام پنجواڻي، شيما ڪرماڻي، ميرا چمناڻي، لاکو ڦلاڻي ۽ ٻيا شامل آهن. وسيم هن هائيڪو نظم جي ڪتاب ۾ پاٽيءَ جي ڪٿا ۽ احتجاج هيئن بيان ڪري ٿو.

''سنڌوءَ جو پاٽي،
چئن مندن جي پيار جي،
هڪڙي ڪهاڻي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
سورج منجهس پيو لڳي،
مکڻ جي چاٽي!

سنڌوءَ جو پاٽي،
پڳل هٿ ڪنيار جا،
سونهن، مٽيءَ هاٽي.

سنڌوءَ جو پاٽي،
ساري پيو هر سٽ ۾،
گنو سامتاڻي.

سنڌوءَ جو پاٽي،
نچندڙ جڻ سرتال تي،
شيما ڪرماڻي.

سنڌوءَ جو پاٽي،
جڻ هو شاهه لطيف جو،
لاکو ڦلاڻي.

ڏرتيءَ ورهائڻ وارا،
ڪيسين آخر زنده رهندين؟
ڏوڙ مٽي ۾ پائڻ وارا.

پنهنجي نڪ تي هٿ رکان ٿو،
تون جي سامهون اچي وڃين ٿو،

ڏوندي جي ڏيپ محسوس ڪريان ٿو.
منهنجو جسم، منهنجي مرضي،
اوڏر تي ٿو وقت گذاريان،
ڏيهه سڄي جو آهيان قرضي.'' (19)

6. **ڇهون تجربو (هائيڪو گيت):**

هن صورت هائيڪو گيت زاهد شيخ لکيا. جنهن ۾ هر بند ٽن سٽن جو آهي، ۽ هر بند سان وراڻي آهي. بند جي پهرين ۽ ٽئين سٽ هم قافيا آهي. هيٺ ڪجهه مثالن ملاحظ فرمايو:

''مون لئه جنت آ،
رُوحُ راحت آ،
اهڙو امرت آ،
سنڌ جو پاڻي.

شام جهڙو آ،
رنگ سنڌوءَ جو
جام جهڙو آ،
سنڌ جو پاڻي

خوب جيئي ٿو،
زندگي سَمجهي،
جو بہ پيئي ٿو.
سنڌ جو پاڻي

سنڌ جو سَجدو،
مون ڪيو زاهد،
ذرم آ منهنجو،
سنڌ جو پاڻي.

يا وري،

مور مُرڪن ٿا،
ٻار ٻهڪن ٿا،
جيءُ جرڪن ٿا،
جيئڻو ٿو پوي.

ساهڙا سڄ ۾،
رُج ٿي رُج ۾،
هر گهڙي اُڄ ۾،
جيئڻو ٿو پوي.

کانه پيئي ڪٽي،
ڳُهٽ آهي گهٽي،
سَنڌَ ساٿا ڪٽي،
جيئڻو تو پوي.

مُونجهه آهي مٿان،
مُرڪ وئي ماڳ مان،
آرزوءَ ۾ اجا،
جيئڻو تو پوي.

درد احساس ۾،
ديد آڪاس ۾،
آب جي آس ۾،
جيئڻو تو پوي.'' (20)

7. **ستون تجربو (نوَ لڪا):**

هن انداز پڻ هڪ ڊگهي نظم جيان آهي، جنهن ۾ صرف نوَ (09) بند آهن، هر بند جي پهرين سٽ ساڳي هوندي آهي. ''نوَ هائيڪن جي ميڙ ڪي رسول ميمڻ 'نوَ لڪا' نالو ڏنو آهي. هن جي پهرين مصرع، نون هائيڪن ۾ ساڳي هوندي آهي. شيخ اياز ۽ طارق عالم ابڙي کان علاوه بشير منگيءَ جو به هائيڪن تي مشتمل ڪتاب ڇپيل آهي.'' (21)

8. **اٺون تجربو:**

هي تجربو نوَ لڪا هائيڪي ڪي ٿوري اڳتي وڌائي ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پهرين ۽ آخري سٽ قافيي دار آهي، ته سيني نون هائيڪن ۾ پهرين سٽ ساڳي آهي. نواڻ هي آهي ته، هر سٽ ۾ ٽي ٽي لفظ هوندا آهن، يعني هڪ هائيڪو 9 لفظن تي ٻڌل آهي. ڊاڪٽر ڦُلُو 'سندر' ميگهواڙ هڪ تجربو ڪيو آهي.

''مرڪ ماکي لار،
جوين پڪل سنگ،
ڪاهه ڪيڏي جهار.

مرڪ ماکي لار،
ڇيڙا مينهن مامو،
ساراهه تنهنجي اپار.

مرڪ ماکي لار،
چڪيم چُڪو چاهه،
ٽيس اَبهم ٻار.

مرڪ ماڪي لار،
پياسو روح منهنجو،
هڪڙي سُرڪ پيار.
مرڪ ماڪي لار،
سنگ ساجن تنهنجو،
اڪين آندي بهار.
مرڪ ماڪي لار،
ساجن تنهنجي بنان،
جيون جهڙو بار.
مرڪ ماڪي لار،
منڙو چٽيل پنڙو،
مُرڪي تنهن سنوار.
مرڪ ماڪي لار،
امرت ويلي ساجن!
پيار پنهنجو سار.
مرڪ ماڪي لار،
پوپٽ، گل، خوشبوءِ،
ڪيئن ڪيئي ڏار؟'' (22)

**نتيجا:**

جاپاني ادب ۾ جنم وٺندڙ هائيڪو ڪلاسيڪي صنف هو. جنهن ابتدائي ۽ بنيادي صورت، فڪري طور فطرت سان ويجهڙائي، ۽ فني طور مختصر ۽ بنا قافيي جي هڪ نظم هو. انگريزي ۾ فني طور وزن نه هو پر، قافيو نه هو. سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪو کي متعارف ڪرائڻ وارا نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسي آهن. سنڌيءَ ۾ سڀ کان اڳ تنوير عباسي 60 _ 1959ع ڌاري هائيڪو لکيا، جيڪي ماترائن بجاءِ فارسي بحر وزن تي هئا. ان جي نقش قدم تي بعد ۾ اردوءَ ۾ پڻ هائيڪا لکيا ويا. شيخ اياز 1962ع ۾ اردو هائيڪا لکيا، جن کي اردو ادب ۾ ڪافي اهميت ڏني ويئي ۽ خوب ساراهيو ويو. نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسي کان پوءِ عبدالجبار جوڻيجي، ولي دائود پوٽي، سروپ چندر شاد، امداد حسيني، فتاح ملڪ، هري دلگير، جڏهن ته ذوالفقار راشدي، امداد حسيني، الطاف عباسي، مير محمد پيرزادو، راشد مورائي، تاجل بيوس، اياز گل، خاڪي جويو، سحر امداد، نماڻي سنڌي، وسيم سومري، زاهد شيخ، ڊاڪٽر ڦُلو ميگهواڙ هائيڪي جي فني ۽ فڪري حوالي سان نوان تجربا ڪري انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. هائيڪو صنف جي حوالي سان ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ايترا تجربا نه ٿيا آهن.

ISSN Online : 2709-4030
ISSN Print : 2709-4022
Vol.6 No.2, 2022

حوالا:


1. عباسي ظفر، ’سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون‘، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، 2007ع، ص# 180.
2. شاھ امير علي/ ميگھواڙ قلو، ’شعري صنف ھائيڪو جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو‘، ڪارونجھر تحقيقي جرنل، جلد 14، شمارو 27، جون 2023ع، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي، ص# 66
3. عباسي، تنوير، ’ترورا‘ سھڻي پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1988ع، ص# 23
4. https://www.masterclass.com/articles/how-to-write-a-haiku-in-4-easy-steps
5. https://www.poemhunter.com/poem/haikus-5-7-5/
6. لطيف فياض، ڊاڪٽر، ’شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2018ع، ص 395
7. پروين، ڊاڪٽر موسیٰ، ’سنڌ جو آدرشي اديب تنوير عباسي‘، پنھنجي اخبار
8. عباسي، تنوير، ’ساڃن، سونھن، سُرت‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1996ع، ص# 56- 69
9. لطيف فياض، ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2018ع، ص# 396
10. اياز، شيخ، ’پن ڇڻ پُڄاڻان‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1985ع، ص# 1، 7 ۽ 15
11. لطيف فياض، ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2018ع، ص# 401
12. اياز، شيخ، ’مينھن ڪڻيون‘، نيوفيلڊس پبليڪيشن، 1999ع، ص# 85 ۽ 95
13. سنڌي، نماڻو، ’ستارن رمجھول‘، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2008ع، ص# 147- 154
14. Sindhsalamat.com
15. ملاح، محبتي، ’تنھنجي خوشبو آئي ھوا مان‘، ڪنول پبليڪيشن، قمبر، 2012ع، ص# 25- 82
16. سُرھيو، نجم، ’درد جون تصويرون‘،ڪنول پبليڪيشن، قمبر، 2013ع، ص# 160- 162
17. لانگاھ، رضا، ’مان دراوڙ ديس جو‘، سنڌ راڻي پبليڪيشن، 2018ع، ص# 181- 192
18. حسيني، امداد، ’پاٽي(طويل ھائيڪو نظم)‘ (مھاڳ)، امرتا پبليڪيشنز حيدرآباد، 2006ع، ص 7.
19. سومرو وسيم، پاٽي(طويل ھائيڪو نظم)، امرتا پبليڪيشنز حيدرآباد، 2006ع، ص# 91 ۽ 22
20. شيخ، زاھد، ’جيون گيت خوشيءَ جا‘، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، 2016ع، ص# 56- 57
21. گبول، مشتاق، ’شاعريءَ جون صنفون‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2017ع، ص# 173
22. ميگھواڙ، ڦُلو، ڊاڪٽر، ’نئين زندگي‘(رسالو)، اطلاعات کاتو، سنڌ حڪومت، حيدرآباد، 2006ع، ص# 58